هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

08-December-2016



صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## تعظيمِ مصطفٰي جا واقعات

(Sindhi)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ؕ
اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# تعظيمِ مصطفٰي جا واقعا

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيتُ سُنَّتَ الاِعتِكاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## نامِ مُصطَفٰي جي تعظيم جو انعام

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 510 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”الله والوں ڪي باتيں“ جلد 4 جي صفحي 61 تي آهي: حضرت سَيدُنا وهب بن مُنَبِّہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا تہ بني اسرائيل ۾ (مَسْطَح نالي) هڪ ماڻهو هو جيڪو 200 سالن تائين اللهعَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪندو رهيو. جڏهن اهو مري ويو تہ ماڻهن ان کي ٽنگن مان گهيلي گندگي جي ڍير تي اڇلائي ڇڏيو، الله عَزَّوَجَلَّ حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي تہ وڃو ان جي جنازي نماز اَدَا ڪيو، پاڻ عَلَيه السَّلَام عرض ڪيو: يا الله عَزَّوَجَلَّ ! بني اسرائيل چون ٿا تہ هو 200 سالن تائين تنهنجي نافرماني ڪندو رهيو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو:

هو ائين ئي هو پر اهو جڏهن بہ تورات کوليندو هو ۽ محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي نالي کي ڏسندو هو تہ ان کي چمي اکين سان لاهيندو هو ۽ اُن تي دُرود پڙهندو هو، پوءِ مون ان جو هي عمل قبول ڪري اُن جا گُناهہ مُعاف ڪري ڇڏيا آهن ۽ 70 جنّتي حورن سان ان جو نڪاح ڪري ڇڏيو آهي.[1]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[2]

**ٻہ مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيترِيون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهہ سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ٻيجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... حليةُ الاولياء، وهب بن منبه،۴/۴۵،حديث:۴۶۹۵

[2] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

## بي وضو مُحَمّد نالو نہ وٺڻ وارو بُزُرگ

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبۃُ المدينہ جي شايع ٿيل 660 صفحن تي مشتمل ڪتاب گلدستہ دُرود و سلام جي صفحي 474 تي آهي: مشهور بادشاهہ سُلطان محمود غَزنوي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه هڪ زَبردَست عالمِ دين ۽ صوم و صلوٰۃ جو پابند هو ۽ باقاعدگي سان قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪندو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه پنهنجي سڄي زِندگي عَين دينِ اسلام جي مُطابق گذاري ۽ پرچمِ اسلام جي سربُلَندي ۽ اِعلاءِ ڪلِمَۃُ اللّٰه (يعني اللّٰه جو ڪلمو بُلند ڪرڻ) جي لاءِ گهڻيون جنگون وڙهيون ۽ ڪامياب ٿيو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه شُجاعت ۽ بهادري سان گڏوگڏ عشقِ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عَظِيم مَنصَب تي بہ فائز هو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه جي فرمانبردار غلام اياز جو هڪ پٽ هو، جنهن جو نالو محمد هو. حضرت محمود غزنوي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه جڏهن بہ ان ڇوڪري کي سڏيندا ها تہ ان کي نالي سان پڪاريندا ها، هڪ ڏينهن معمول جي خلاف ان کي اي اِبنِ اياز! چئي مُخاطب ڪيو. اياز کي گمان ٿيو تہ شايد بادشاهہ اڄ ناراض آهي، ان ڪري منهنجي پٽ کي نالو وٺي ناهي سڏيو، اهو سندن دَربار ۾ حاضِر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: حُضُور! ڇا منهنجي پٽ طرفان اڄ ڪا غلطي سَرزد ٿي آهي جو اوهان ان کي نالي بدران اِبنِ اياز چئي پڪاريو؟ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه جن فرمايو: مان اسمِ محمد جي تَعظِيم جي خاطِر توهان جي پٽ جو نالو بي وضو نہ وٺندو هئس جيئن تہ ان وَقت مان بي وضو هئس، ان ڪري لفظِ محمد کي بنا وضو زبان تي آڻڻ مُناسب نہ سمجهيو.[1]

لب پر آ جاتا ہے جب نامِ جناب، مُنھ میں گُھل جاتا ہے شہدِ نایاب
وجد میں ہو کے ہم اے جاں بیتاب، اپنے لب چُوم لیا کرتے ہیں

---

[1] … روح البيان ،۱۸۵/۷،مفہوماً

## شعر جي وضاحت:

اي منهنجا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جڏهن به اوهان جو مبارڪ نالو اسان جي چَپن تي ايندو آهي، ته ائين لڳندو آهي جيئن ڪنهن اسان جي وات ۾ خالص ماکي وجهي ڇڏي هجي، انهيءَ ڪيفيت ۾ چَپ پاڻ ۾ ملندا آهن ۽ هڪ ٻئي کي چمي ونندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مٺي مصطفيٰ جا مبارڪ نالا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ائين ته نبي اڪرم، نورِمُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا بي شمار مبارڪ نالا آهن، جيئن حضرت علّامہ محمد مَهدي فاسي مالڪي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا ته الله عَزَّوَجَلَّ جا هزار (1000) نالا آهن ۽ نبي ڪريم، رَؤُفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا به هزار (1000) نالا آهن. ابنِ فارس کان منقول آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ٻه هزار(2000) کان وڌيڪ مبارڪ نالا آهن. ان مان هر نالو سندن سيرت ۽ ڪردار جي ڪنهن نه ڪنهن پهلوءَ کي اُجاگر ڪري ٿو.[1]
اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا ته حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ذاتي نالا به (2) آهن، اڳوڻن ڪتابن ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو ”احمد“ آهي ۽ قرآنِ ڪريم ۾ ”محمد“ آهي ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا صفاتي نالا بي شمار آهن.[2]

آنکھوں کا تارا نامِ مُحمَّد دل کا اُجالا نامِ مُحمَّد
ہیں یوں تو کثرت سے نام لیکن سب سے ہے پیارا نامِ مُحمَّد
پوچھے گا مولیٰ لایا ہے کیا کیا میں یہ کہوں گا نامِ مُحمَّد
اپنے جمیلِ رضوی کے دل میں آ جا سما جا نامِ مُحمَّد

---

1… مطالعُ المسرات مترجم، ص ١٩٣،ملتقطاً مفهوماً
2… ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص ٩٢بتغير قليل

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ اسان تعظيمِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا واقعا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين ۽ اهو به ٻڌنداسين ته قرآن ۽ حديث ۾ تعظيمِ مُصطفٰي جي باري ۾ ڪهڙا ڪهڙا فرمان آهن. اچو سڀ کان پهريان هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌون ٿا.

## نِرالي محبت ۽ مِثالي تعظيم

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 862 صفحن تي مشتمل نهايت ئي پياري ۽ عظيمُ الشّان ڪتاب" سيرتِ مُصطفيٰ" جي صفحي 346 تي آهي. ذُوالقَعده 6 هجري ۾ حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چوڏهن سو (1400) صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمْ اَجْمَعِيْن سان گڏ عُمري جو احرام ٻڌي مڪي جي لاءِ روانہ ٿيا. حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو انديشو هو تہ شايد مڪي جا ڪافر اسان کي عُمرو اَدَا ڪرڻ کان روڪيندا، ان ڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پهريان ئي خُزاعہ قبيلي جي هڪ شخص کي مڪي موڪليو هو تہ اهي مڪي جي ڪافرن جي اِرادن جي خبر آڻي. جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قافلو مقامِ عُسْفَان جي ويجهو پهتو تہ اهو شخص اها خبر کڻي آيو تہ مڪي جي ڪافرن تمام عرب جي قبيلن کي گڏ ڪري اهو چيو آهي تہ مسلمانن کي هرگز هرگز مڪي ۾ داخل نہ ٿيڻ ڏنو ويندو. ان ڪري پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شاهراهہ تان هٽي سفر شروع ڪيو ۽ عام راهہ تان هٽي اڳتي وڌيا ۽ مقامِ حُدَيبِيہ تي پهچي پڙاءُ ڪيو. مقامِ حُدَيبِيہ تي پهچي حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏٺو تہ قُرَيش جا ڪافر وڙهڻ جي لاءِ تيار ها ۽ هيڏانهن مسلمانن جو هي حال آهي جو سڀ ماٿهو اِحرَام ۾ ها، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُناسب سمجهيو تہ مڪي جي ڪافرن سان صُلح بابت گفتگو

ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن کي مڪي موڪليو وڃي. ان ڪم جي لاءِ پهريان پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عُمر فاروق رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰي عَنْه کي مُنتَخَب فرمايو پر پوءِ ڪنهن خاص سبب ڪري حضرت سَيِدُنا عُثمانِ غني رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰي عَنْه کي مڪي موڪليو. اُنهن مڪي پهچي قُرَيش جي ڪافرن کي حُضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان صُلح جو پيغام پهچايو. حضرت سَيِدُنا عُثمانِ غني رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰي عَنْه پنهنجي مالداري ۽ پنهنجي قبيلي وارن جي حمايت ۽ پاسداري جي ڪري قُرَيش جي ڪافرن جي نگاهن ۾ تمام گهڻا معزّز ها. ان ڪري قُرَيش جي ڪافرن انهن سان ڪا بدسُلوڪي نہ ڪري سگهيا. بلڪ سندن کي اهو چيو تہ اسان اوهان کي اجازت ڏيون ٿا تہ توهان ڪعبي جو طواف ۽ صَفا و مَروَه جي سَعِي ڪري پنهنجو عُمرو اَدا ڪري وٺو، پر اسان محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي هرگز هرگز ڪعبي جي ويجهو نہ اچڻ ڏينداسين.

حضرت عُثمانِ غني رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰي عَنْه انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيائون تہ مان رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بغير هرگز هرگز اڪيلو پنهنجو عُمرو نٿو اَدا ڪري سگهان.(1) جڏهن حضرت سَيِدُنا عُثمانِ غني رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰي عَنْه مڪي کان واپس موٽي آيا تہ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان پڇيو: اي ابُوعبدُاللّٰه! (هيءَ عُثمانِ غني رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰي عَنْه جي ڪُنيت هئي) پاڻ طوافِ ڪعبہ جي سعادت تہ حاصل ڪري ورتي هوندي؟ تہ ان عشق ۽ وفا جي پيڪر جواب ڏنو: قسم آهي! اُن ذات جو جنهن جي قبضہ قدرت ۾ منهنجي جان آهي، جيڪڏهن مان سڄو سال مڪي شريف ۾ رهان ها ۽ پياري آقا، مڪي مدني مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حُدَيبِيہ ۾ هجن ها، تڏهن بہ مان اُن وقت تائين بيتُ اللّٰه شريف جو طواف نہ ڪيان ها جيستائين پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم طواف نہ ڪن ها. باقي قُرَيش مون کي طواف ڪرڻ جو چيو

---

[1] ... سيرتِ مُصطفیٰ،ص۳۴۸ملتقطا

هو پر مون اِنڪار ڪري ڇڏيو.[1]

اللہ سے کیا پیار ہے عثمانِ غنی کا — محبوبِ خدا یار ہے عثمانِ غنی کا
جس آئینہ میں نورِ الٰہی نظر آئے — وہ آئینہ رُخسار ہے عثمانِ غنی کا
اللہُ غنی حد نہیں اِنعام و عَطا کی — وہ فیض پہ دَربار ہے عثمانِ غنی کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبۡحٰنَ اللّٰهعَزَّوَجَلَّ! آقا هجن تہ اهڙا ۽ غُلام هجي تہ اهڙو، يقيناً هن ايمان افروز واقعي مان حضرت سَيدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي دل ۾ بي پناھ عشقِ رسول ۽ پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حد درجي جي تعظيم جي خبر پوي ٿي تہ ڪافرن اوهان رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کي تنها طواف ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي، پر اوهان رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي تعظيم ۽ اَدَب جي جذبي پياري آقا، مديني واري مُصطفٰي صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بغير طواف ڪرڻ پسند نہ ڪيو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## شمع رسالت جا پروانا

اِنهيءَ صُلحِ حُدَيبِيہ جي موقع تي حضرت سَيدُنا عُروہ بن مَسعُود رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ (جن ان وقت تائين ايمان نہ آندو هو) مڪي جي ڪافرن جي طرفان شهنشاھ دو عالم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ صُلح جي مُعاملي ۾ گفتگو ڪرڻ آيا تہ ان وقت اُنهن صحابہ ڪرام عَلَیہِمُ الرِّضْوَان کي حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي جنهن والهانہ انداز ۾ تعظيم ڪندي ڏٺو، ان اندازِ تعظيم کي مڪي جي ڪافرن وٽ وڃي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو: قسم خُدا جو! مان ڪافي بادشاهن

[1]… دلائل النبوة، باب ارسال النبى ...الخ، ۴/۱۳۳-۱۳۴، ملخصاً

جي دربارن ۾ وفد (يعني نُمائندگي ڪرڻ واري جماعت) وٺي ويو آهيان، آئون قيصر(يعني ملڪ روم جي بادشاهه) ڪسريٰ (يعني سلطنتِ ايران جي بادشاهه) ۽ نجّاشي (يعني حبشه جي بادشاهه انهن سيني) جي دربارن ۾ به ويو آهيان، پر خُدا جو قسم! مون ڪو بادشاهه اهڙو ناهي ڏٺو جو ان جا ساٿي اهڙي طرح ان جي تعظيم ڪندا هجن جيئن حضرت محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جا صَحابي (عَلَيهِمُ الرِّضْوَان) سندن تعظيم ڪندا آهن. قسم خُدا جو جڏهن هو ٿُڪ اڇلائن ٿا ته سندن لُعاب ڪنهن نه ڪنهن جي هٿيلي تي ئي ايندو آهي، جنهن کي هو پنهنجي چهري ۽ بدن تي مَلي ڇڏيندو آهي، جڏهن اهي پنهنجي اَصحاب کي ڪو حڪم ڏيندا آهن ته فوراً سندن حڪم تي عمل ڪيو ويندو آهي، جڏهن هو وضو ڪندا آهن ته ائين لڳندو آهي ته سندن اَصحاب وضو جو (اِستِعمال ٿيل پاڻي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هڪ ٻئي سان وڙهي پون، جڏهن هو گُفتگو فرمائن ٿا ته اهي ماٺهو سندن بارگاهه ۾ پنهنجو آواز هوريان رکن ٿا ۽ اَدَب ۽ تعظيم جي ڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن نظر کڻي نٿا نهارين.[1]

اهڙي طرح جو هڪ واقعو حضرتِ سَيدُنا اَبُوجُحَيفه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا ته انهن چيو: مون حضرت بلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه کي ڏٺو ته اُنهن رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وضو جو اِستِعمال ٿيل پاڻي (هڪ ٿانوءَ ۾) ورتو ته صحابهِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ان پاڻي کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڀڄڻ لڳا، جنهن کي ٿوڙو به حاصل ٿيو ان (پنهنجي جسم تي) مَلي ورتو ۽ جنهن کي حاصل نه ٿي سگهيو، ان ڪنهن ٻئي جي هٿ مان تَري حاصل ڪري ورتي.[2]

---

[1] … بخاری ، کتاب الشروط، باب الشروط فی الجہاد…الخ ،۲۲۳/۲، حدیث: ۲۷۳۱،ملخصا

[2] … بخاری ، کتاب الصلاۃ، باب الصلاۃ فی الثوب…الخ ،۱۵۰/۱،حدیث:۳۷۶

تُو شمعِ رسالت ہے عالَم ترا پروانہ تُو ماہِ نبوت ہے اے جلوۂ جاناناں
جو ساقیِ کوثر کے چہرے سے نقاب اُٹھے ہر دل بنے میخانہ ہر آنکھ ہو پیمانہ
ہر پھول میں بُو تیری ہر شمع میں ضَو تیری بلبل ہے ترا بلبل پروانہ ہے پروانہ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ! صلَّی اللہ تعالٰی علٰی محمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عشقِ رسول ۾ سرشار ٿي جنهن شاندار انداز ۾ پنهنجي آقا و مولٰي، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ڪئي، اها پنهنجو مٽ پاڻ آهي. اُن مُبارڪ هستين پنهنجي ڪردار سان سڄي دُنيا تائين جي مسلمانن کي اهو ٻڌائي ڇڏيو تہ هڪ اُمّتي کي پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪهڙي تعظيم ۽ توقير ڪرڻ گهرجي. ياد رهي! تہ سرڪارِ مدينہ، سُرورِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري مُبارڪ زماني کان وٺي اڄ تائين تمام صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان، تابعين، تبعِ تابعين، علماءِ ڪرام،مفتيانِ عظّام،بُزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيهِمْ اَجْمَعِين ۽ عام مسلمان هر طرح سان پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ڪندي آيا آهن ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ قيامت تائين ڪندا رهندا ۽ ڇو نہ ڪن جو تعظيمِ نبي تہ ايمان جي لاءِ انتهائي ضروري آهي. قرآنِ ڪريم ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ارشادِ پاڪ آهي:

اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ﴿۸﴾ لِّتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ تُعَزِّرُوْهُ وَ تُوَقِّرُوْهُ ؕ وَ تُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴿۹﴾

(پ۲۶،الفتح:۸.-۹)

تَرجموڪنز الايمان: بيشڪ اسان توکي موڪليو حاضر ۽ ناظر ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري تہ جيئن اي انسانو توهان اللّٰه ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ رسول جي تعظيم ۽ توقير ڪريو.

حضرت عَلّامہ قاضي عِياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عزّت ۽ توقير جو حڪم ڏنو ۽ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اَدَب ۽ احترام کي ضروري قرار ڏنو آهي.[1]

هن بابت وڌيڪ وضاحت ڪندي فقيہ مِلّت حضرت مُفتي جلالُ الدّين اَحمد اَمجدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: آيتِ مُبارَڪہ ۾ سرڪارِ اَقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ۽ توقير جو جيڪو حڪم ڏنو ويو آهي اهو رڳو جائز ناهي، بلڪ واجب ۽ لازم آهي، تنهنڪري مسلمانن جي لاءِ ضروري آهي تہ اهي هر طرح نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اَدَب ڪن ۽ هر جائز طريقي سان سندن تعظيم ۽ توقير ڪن. ان ڪري جو آيتِ مُبارڪ ۾ تعظيمِ نبي جو حڪم مُطلَق آهي، يعني رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم جي لاءِ ڪو خاص طريقو مُتَعَين ناهي ڪيو ويو، تنهنڪري هر طرح سان سندن تعظيم ڪرڻ لازم آهي، البت اُنهن کي خُدا يا خُدا جو پٽ چوڻ يا الله عَزَّوَجَلَّ وانگر اُنهن جي لاءِ ڪنهن صِفَت کي ثابت ڪرڻ شِرڪ ۽ ڪفر آهي ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي (تعظيم طور) سجدو ڪرڻ حرام ۽ ناجائز آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا تہ هن آيتِ مُبارڪ ۾ سڀ کان پهريان ايمان جو ذڪر آهي، پوءِ رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ۽ تڪريم جو حڪم آهي ۽ ان کان بعد عبادت جي لاءِ فرمايو ويو، جنهن ۾ هن ڳالهہ جي طرف واضح اِشارو آهي تہ ايمان سڀ کان مُقَدَّم آهي يعني ايمان جي بغير رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم مقبول ناهي، البت ايمان کان بعد تعظيمِ رسول جو درجو ٻين عبادتن کان وڌيڪ آهي چوتہ هن کان بغير سموريون عبادتون نماز، روزا، زڪوٰة و

[1] ... الشفا بتعريف حقوق المصطفى،جزء،٢،ص٣٥

خيرات ۽ هر قسم جون تمام نيڪيون ناقابلِ قبول آهن.[1]

الله کی سر تا بقدم شان ہیں یہ — اِن سا نہیں اِنسان وہ اِنسان ہیں یہ
قرآن تو ایمان بتاتا ہے انہیں — ایمان یہ کہتا ہے مِری جان ہیں یہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! — صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ ايمان آڻڻ کان پوءِ هر مسلمان جي لاءِ تعظيمِ نبي انتهائي ضروري آهي. ياد رهي تہ تعظيم جو مطلب هي هوندو آهي تہ انسان پنهنجي قول ۽ فعل مان ڪنهن جي وڏائي ظاهر ڪري. تنهنڪري هر ننڍي جيڪو واقعي پنهنجو پاڻ کي ننڍو سمجهندو آهي، اهو پنهنجي وڏي جي سامهون قول ۽ فعل سان اهڙو انداز اِختيار ڪندو آهي جنهن مان ان وڏي جي وڏائي ۽ عظمت جو پتو پوندو آهي، مثال طور مُريد پنهنجي پِير جي اڳيان، اولاد پنهنجي والدين اڳيان، نوڪر پنهنجي افسر اڳيان، شاگرد پنهنجي اُستاد جي سامهون، مُقتدي پنهنجي اِمام آڏو، ايستائين جو پاءُ پنهنجي وڏي پاءُ اڳيان ڪوڙ اهڙا انداز اِختيار ڪندو آهي جنهن مان وڏن جو اَدَب ۽ احترام، اُنهن جي عزّت ۽ تعظيم جو پتو پوندو آهي ۽ چونہ ٿئي جو پياري آقا، مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بذاتِ خُود وڏن کي ننڍن تي شفقت ڪرڻ ۽ ننڍن کي پنهنجن وڏن جي تعظيم ڪرڻ جي تاڪيد ڪندي ارشاد فرمايو: لَيْسَ مِنَّا مَنْ لَمْ يَرْحَمْ صَغِيْرَنَا وَيُوَقِّرْ كَبِيْرَنَا يعني جيڪو شخص ننڍن تي شفقت نہ ڪري ۽ وڏن جي تعظيم نہ ڪري اهو اسان مان نہ آهي.[2]

تنهنڪري اسان کي کپي تہ پنهنجن ننڍن تي شفقت ڪيون ۽ پنهنجي ماءُ

---

[1] … تعظیمِ نبی،ص۱۷بتغیر قلیل

[2] … ترمذی، ابواب البر و الصلۃ،باب ما جاء فی رحمۃ الصبیان،۳/۳۶۹،حدیث:۱۹۲۶

پيءُ وڏي پيڻ پائرن، بزرگن، صحيحُ العقيده سُنّي عالم سڳورن ۽ مفتيانِ عظام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي خُوب خُوب تعظيم ڪيون ۽ تعظيمِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُعاملي ۾ ته هرگز هرگز ڪنهن قسم جي ڪوتاهي نه ڪيون بلڪ جيڪڏهن شيطان مردُود اسان کي مختلف قسم جي حيلن بهانن ۽ وَسوَسن جي ذريعي تعظيمِ نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان روڪڻ جي ڪوشش ڪري ۽ تعظيمِ نبي کي شرڪ ۽ ڪفر قرار ڏئي ته هرگز هرگز ان جي ورغلائڻ ۾ نه اچڻ ڪپي، ياد رکو! شيطانِ لعين جيڪو حضرت سَيدُنا آدم عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کي سجدو ڪرڻ کان اِنڪار ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جو نافرمان ۽ تعظيمِ نبي جو مُنڪر ٿي ويو ۽ بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ مان ڌتڪاريو ويو هو، اهو ڪڏهن به نه چاهيندو ته اسان نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جا فرمانبردار ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ مُقرّب ٿي وڃون.

فقيهِ مِلّت حضرت مُفتي جلالُ الدّين احمد اَمجدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: نبي جي تعظيم ڪرڻ ڪفر نه آهي بلڪ نبي جي تعظيم کان انڪار ڪرڻ ڪفر آهي ۽ اهو اهڙو ڪفر آهي جيڪو انسان جي پيدائش کان پوءِ سڀ کان پهريان ٿيو جيئن ته الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 1، سُوره بقره جي آيت نمبر34 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓىِٕكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْۤا اِلَّاۤ اِبْلِیْسَؕ اَبٰى وَ اسْتَكْبَرَ ﳓ وَ كَانَ مِنَ الْكٰفِرِیْنَ(۳۴) (پ۱،البقرة:۳۴)

ترجموڪنزالايمان: ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان ملائڪن کي حُڪم ڪيو ته آدم کي سجدو ڪريو، سو سڀني سجدو ڪيو سواءِ اِبليس جي اُن انڪار ڪيو ۽ آڪڙ ڪيائين ۽ ڪافر ٿي ويو.

خبر پئي ته تعظيمِ نبي جو انڪار ئي اهو ڪفر آهي جيڪو انسان جي پيدائش کان پوءِ سڀ کان پهرين ٿيو ۽ باقي ڪفريات جو وُجُود بعد ۾ ٿيو.[1]

---

[1] … تعظيمِ نبی، ص٦، بتغير قليل

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آيتِ مُبارڪ ۽ ان جي تفسير جي روشني ۾ معلوم ٿيو ته نبي جي تعظيم جي لاءِ ڪيو ويندڙ سجدي جو انڪار، شيطان لعين جي ڪفر جو سبب بڻيو، تنهنڪري اسان کي کپي ته نبي جي تعظيم ۾ هرگز هرگز ڪمي نه اچڻ ڏيون، ۽ اهو به معلوم ٿيو ته تعظيم جي طور تي ڪيو وڃڻ وارو سجدو اڳوڻين شريعتن ۾ ته جائز هو پر هاڻي ڪنهن صُورت جائز ناهي.

سجدہ کرتا جو مجھے اِس کی اِجازت ہوتی
کیا کروں اِذْن مجھے اِس کا خُدا نے نہ دیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هڪ ڀيرو رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪجھ مهاجرن ۽ انصار جي جُهرمٽ ۾ جلوه افروز ها ته ان دوران هڪ اُٺ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ ان سندن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سجدو ڪيو، صحابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪرڻ لڳا، يَا رَسُوْلَ اللهِ تَسْجُدُ لَكَ الْبَهَائِمُ وَالشَّجَرُ فَنَحْنُ اَحَقُّ اَنْ نَسْجُدَ لَكَ يعني يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جانور ۽ وڻ اوهان کي سجدو ڪن ٿا، تنهنڪري اسان هن ڳاله جا وڌيڪ حق دار آهيون ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سجدو ڪيون.

نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: پنهنجي رَبّ جي عبادت ڪيو ۽ پنهنجي ڀاء جي عزّت ڪيو، جيڪڏهن مان ڪنهن کي غيرِ خدا جي سامهون سجدو ڪرڻ جو حڪم ڏيان ها ته ضرور عورت کي حڪم ڏيان ها ته هوء پنهنجي مڙس کي سجدو ڪري.(1) ياد رهي ته ڀاءُ کان مراد پنهنجي ذات آهي

---

1 ... مسند امام احمد، مسند سيده عائشه، ۳۵۳/۹، حديث:۲۴۵۲۵

يعني منهنجي تعظيم ۽ توقير ڪيو، حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڻ ڪي ڀاءُ فرمائڻ تواضُع ۽ اِنڪساري جي ڪري آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته! صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان تعظيمِ مُصطَفٰي جو ڪو موقعو هٿ مان نہ وڃڻ ڏيندا ها ۽ مختلف طريقن سان حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اَدَب ۽ احترام ڪندا ها، ۽ پيارا آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ انهن کي منع نہ فرمائيندا ها، پر جڏهن تعظيم جي طور تي سجدو ڪرڻ جي ڳالھ آئي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُنهن کي منع فرمائي ڇڏيو. اچو مختلف پهلوئن سان تعظيمِ مُصطَفٰي جا جيڪي خُوشنما انداز صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ۽ انهن جي نقشِ قدم تي هلندڙ اَ ڪابِر ۽ بُزرگانِ دِين رَحِمَهُمُ اللهُ الۡمُبِيۡن اِختِيار فرمايو ۽ پنهنجي قول ۽ فعل جي ذريعي اسان کي سيکاريو اُن جي باري ۾ ڪجھ وڏيڪ واقعا پڙون ٿا ۽ ان مان مدني گل چُونڊيون ٿا.

## ايمان کان بعد تعظيمِ مُصطفي سڀ کان وڌيڪ آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تعظيمِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ پهلو اهو آهي تہ ايمان کان بعد هر شيءَ ايستائين جو فرض ۽ واجب کان بہ وڌيڪ حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم جو لحاظ رکيو وڃي، جيئن تہ صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرتِ علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه بهارِ شريعت ۾ فرمائن ٿا: حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم يعني اعتقادِ عظمت، ايمان جو جُز ۽ رڪن آهي ۽ فعلِ تعظيم ايمان کان بعد هر فرض کان مُقدّم (يعني وڌيڪ) آهي، ان جي اهميت جو پتو هن حديثِ پاڪ مان پوي ٿو تہ غزوه خيبر تان واپسي ۾ منزلِ صَهبا تي نبي ڪريم، رؤفٌ رّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نمازِ عصر پڙهي حضرت سَيدُنا موليٰ علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجۡهَه الۡكَرِيۡم جي گوڏن تي مبارڪ مٿو رکي آرام فرمايو، حضرت سَيدُنا

موليٰ علي رَضِيَ اللہ تَعَالٰي عَنْہ نمازِ عصر نہ پڙهي هئي، اکين سان ڏسي رهيا هئا تہ وقت وڃي رهيو آهي، پر هن خيال سان تہ ڳوڏا چُوريان تہ شايد خوابِ مبارَڪ (يعني ننڊ) ۾ خَلَل ايندو، ڳوڏا نہ هٽايا، ايستائين جو سج لهي ويو، جڏهن چشمِ اَقدس (يعني مُبارڪ اک) کلي تہ حضرت سَيدُنا علي رَضِيَ اللہ تَعَالٰي عَنْہ پنهنجي نماز جو حال عرض ڪيو، حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حڪم ڏنو تہ لٿل سج موٽي آيو، حضرت سَيدُنا علي رَضِيَ اللہ تَعَالٰي عَنْہ نماز اَدَا ڪئي وري لهي ويو، ان مان ثابت ٿيو تہ افضلُ العبادات نماز ۽ اها بہ صلوٰةِ وُسطيٰ (يعني) عصر نماز حضرت موليٰ علي رَضِيَ اللہ تَعَالٰي عَنْہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ننڊ لاءِ قربان ڪري ڇڏي.[1]

مولیٰ علی نے واری تری نیند پر نماز
اور وہ بھی عصر سب سے جو اعلیٰ خَطَر کی ہے
ثابت ہوا کہ جملہ فرائض فُروع ہیں
اصلُ الاُصول بندگی اُس تا جور کی ہے

اشعار جو خلاصو: يعني حضرت سَيدُنا علي المرتضي رَضِيَ اللہ تَعَالٰي عَنْہ عصر جي نماز جيڪا سڀ کان افضل و اعليٰ نماز آهي، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ننڊ تي قربان ڪري ڇڏي، جنهن مان معلوم ٿيو تہ سڀ کان پهريان مديني جي تاجور، شهنشاهِ بَحر و بَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت و تعظيم جو درجو آهي، باقي تمام فرضن جو درجہ ان کان بعد آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!   صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … بهارِ شريعت،حصہ اول،۱/۲۴۷، بتغير قليل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هيئنر اسان بهارِ شريعت جي روشني ۾ تعظيمِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ دينِ اسلام جو هڪ نهايت ئي اهم عقيدو پڙهو ته ”حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم يعني اعتقادِ عظمت جزوِ ايمان و رڪنِ ايمان آهي ۽ فعلِ تعظيم، ايمان کان بعد هر فرض کان مُقدّم (يعني وڏيڪ) آهي“ تنهنڪري اسان کي گهرجي ته تعظيمِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چراغ پنهنجي دل ۾ هميشه روشن رکون ۽ ان جي لاءِ صرف ۽ صرف خُوش عقيده ماڻهن جي صحبت اِختِيار ڪيون. ياد رکو! تعظيمِ مُصطَفٰي جو جذبو ۽ ايمان جي حفاظت جو فڪر پنهنجي دل ۾ پيدا ڪرڻ جي لاءِ جهڙي طرح خُوش عقيده ۽ نيڪ ماڻهن جي صحبت اِختِيار ڪرڻ ضروري آهي اهڙي طرح علمِ دين حاصل ڪرڻ به نهايت ضروري آهي.

## ڪتاب ”بهارِ شريعت“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دِين جي صحيح ۽ ضروري عقائد ۽ مسائل سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل "بهارِ شريعت" جو مطالعو به آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ انسان جي پيدائش کان موت تائين بلڪ موت کان پوءِ غسل، ڪفن دفن، ايصالِ ثواب ۽ وراثت جي تقسيم تائين پيش ايندڙ، طهارت، عبادت ۽ مُعامَلات جي باري ۾ هزارين مسائل بيان ڪيا ويا آهن، ان کان علاوه دِين جا دُرست ۽ ضروري عقيدا به بيان ڪيا ويا آهن، تنهنڪري تمام اسلامي ڀائرن کان مدني التجا آهي ته ان جو مطالعو ڪيو، دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) به سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) به ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تعظيمِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هڪ پهلو اهو به آهي ته جڏهن به حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ پاڪ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ٿئي ته وڏي اَدَب سان ٻڌو وڃي، جيئن ته دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينه جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهارِ شريعت“ جلد 1 جي صفحي 75 تي آهي: جڏهن حضور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جو ذِڪر اچي ته وڏي ڪمال خشوع ۽ خضوع ۽ عاجزيءَ، با اَدَب ٿي ٻُڌي.[1] تنهنڪري اسان کي به کپي ته ذڪرِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وقت هميشه تعظيم ۽ اَدَب جو خيال رکون ۽ پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذڪرِ پاڪ جي وقت محبت ۽ عقيدت سان دُرود شريف به پڙهون ڇو ته اهو برڪت جو سبب ۽ وڏي اجر ۽ ثواب جو ذريعو آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو! پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نالي پاڪ جي تعظيم ڪرڻ جي برڪت سان جڏهن بني اسرائيل جي هڪ شخص تي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ايتري قدر ڪرم ٿيو ته جيڪو سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سِينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو اُمَّتِي ٿي پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نالي پاڪ جو اَدب ۽ اِحتِرام ڪري ان کي چُمي پنهنجي اکين سان لڳائي، سندن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي دُرُودوسَلام موڪليندو، ان تي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ڪيتري قدر فضل ۽ ڪرم ٿيندو. هن روايت مان اهو به معلوم ٿيو ته پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مُبارَڪ نالي ”محمد“ کي چُمڻ جائز ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جو سبب آهي، اهڙي طرح پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو نالو پاڪ ٻڌي پنهنجي آڱوٺن کي چُمڻ به جائز ۽ بَرَڪت جو سبب آهي. تنهنڪري اسان کي به گهرجي ته جڏهن به حُضُورِ پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مُبارڪ نالو پڙهون يا ٻڌون ته تَعظِيم

[1] ... بهارِ شريعت، حصہ اول، ۷۵/۱

جي نِيت سان آڱوٺن کي چُمي اکين تي لڳايون ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ پاڪ تي دُرُودِ پاڪ پڙهون.

## نامِ اقدَس تي آڱوٺا چمڻ جي فضيلت

فتاوٰي شامي ۾ آهي: جڏهن مؤذن اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ الله چوي تہ مستحب آهي تہ ٻڌڻ وارو چوي "صَلَّى الله عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله" ۽ جڏهن ٻيو ڀيرو اُهي ڪلمات ٻڌي تہ ائين چوي "قُرَّتُ عَيْنِى بِكَ يَا رَسُوْلَ الله اللّٰهمَّ مَتِّعْنِى بِالسَّمْعِ وَالْبَصَرِ" ۽ آڱوٺا چمي اکين تي لڳائي ائين ڪرڻ واري کي نبي ڪريم، رَؤُفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ سان گڏ جنّت ۾ وٺي ويندا. ۽ علاّمہ شامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ڪتابُ الْفِردَوس جي حَوالي سان نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي فرمانِ جنّت نشان بہ نقل ڪيو آهي: تہ جيڪو شخص اَذان ۾ "اَشْهَدُاَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ الله ٻڌي پنهنجي آڱوٺن جي ننهَنَّ کي چُمي ڏيندو، مان اهڙي شخص جي اڳواٽي ڪندس ۽ ان کي جَنّت جي صفن ۾ داخل ڪندس.[1]

هڪ دفعي اعليٰ حضرت ،امامِ اهلسُنت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي بارگاهہ ۾ پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو مبارڪ ٻڌي آڱوٺا چمڻ جي باري ۾ سوال ڪيو ويو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جيڪو جواب ارشاد فرمايو، ان جو خُلاصو هي آهي تہ ضرور چمڻ گهرجن بلڪ خاص اذان جي دوران تہ نالو مبارڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌي آڱوٺا چمڻ کي علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام مُستَحب قرار ڏنو آهي ۽ ان خاص موقعي تي آڱوٺي چمڻ جو حڪم حديثِ پاڪ ۾ بہ آهي. البت نماز ۾ يا خُطبي ۽ تلاوتِ قرآنِ ڪريم ۾ نالو مُبارَڪ ٻڌي اڱوٺا چمڻ منع آهي.[2]

---

[1] … در مختار و رد المحتار، کتاب الصلاة ، مطلب فی کراہۃ تکرار الجماعۃ فی المسجد،٢ /٨۴

[2] … فتاویٰ رضویہ ٣١۵/٢٢ ملخصاً

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

صَدرُ الشّريعہ بَدرُالطَّريقہ حضرتِ علاّمہ مولانا مُفتي محمد امجد علي اَعظمي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ اسمِ پاڪ ”محمد ۽ احمد“ جي باري ۾ فرمائن ٿا: ظاهر هي آهي تہ اهي ٻئي نالا خود اللّٰه تعاليٰ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ مُنتَخَب فرمايا آهن، جيڪڏهن اهي ٻئي نالا خُدا تعاليٰ وٽ نهايت پيارا نہ هجن ها تہ پنهنجي محبوب جي لاءِ پسند نہ فرمائي ها.[1]

## مُحمد نالو رکيو تہ ان جي تَعظِيم بہ ڪيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم جي ڪري پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُبارڪ نالي جو بہ اَدَب ۽ احترام ڪيون ڇو تہ ان جي ترغيب تہ خود حديثِ پاڪ ۾ بيان ڪئي وئي آهي. جيئن تہ نبي ڪريم رؤف و رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اِذَا سَمَّيْتُمُ الْوَلَدَ مُحَمَّداً فَاَكْرِمُوْهُ يعني جڏهن توهان ڪنهن ٻار جو نالو محمد رکو تہ پوءِ ان جي عزّت ڪيو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم
## ”علاقائي دَوره براءِ نيڪي جي دعوت“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ سچي عاشقانِ رسول جي دل ۾ تعظيمِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جذبو ڪيتري قدر گهڻو هوندو آهي جو

---

[1] … بہار شريعت، حصّہ ١٦، ٣/ ٦٠١

[2] … كنز العمال، كتاب النكاح، قسم الاقوال، جزء١٦، ٨/١٧٣،حديث:٤٥١٩٠

اهي حضرات، تعظيمِ مُصطَفٰي جي ڪري بي وضو نامِ مُصطَفٰي وٺڻ بہ خلافِ اَدَب تصوُّر ڪن ٿا، تنهنڪري جيڪڏهن اسان بہ چاهيون ٿا تہ اسان کي حقيقي اَدَب نصيب ٿئي تہ اسان کي گهرجي تہ سنّي صحبت اِخْتِيار ڪيون، اَلْحَمْدُلِلّٰهعَزَّوَجَلَّ اڄوڪي دور ۾ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان جي لاءِ ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي، هن مدني ماحول ۾ دِين ۽ دُنيا جي ڪوڙ ڀلائِن کان علاوه خوفِ خدا ۽ تعظيمِ مُصطَفٰي جي دولت بہ نصيب ٿيندي آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ هميشہ هن مدني ماحول سان وابستہ رهون ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ بہ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم ”عَلاقائي دَوره براءِ نيڪي جي دعوت“ بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ نهايت ئي عظيمُ الشّان ڪم آهي جيئن

حضرت سَيدُنا عَلي المرتَضٰي،شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَه الْكَرِيم کان روايت آهي تہ شاهِ آدم و بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اِرشادِ حقيقت بنياد آهي: جِهاد جا چار قسم آهن: (1) نيڪي جو حڪم ڏيڻ (2) بُرائي کان منع ڪرڻ (3) صَبر جي موقعي تي سچ چوڻ ۽ (4) فاسِقن سان بُغض رکڻ. (وري ارشاد فرمايائون) جنهن نيڪي جو حڪم ڏنو، ان مؤمنن جا هٿ مضبوط ڪيا ۽ جنهن بُرائي کان منع ڪيو، ان فاسِقن جو نڪ مٽي ۾ ملايو.[1] ۽ هڪ حديث ۾ آهي تہ پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو ويو: ماڻهن ۾ بهتر ڪير آهي؟ ارشاد فرمايائون: پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ کان وڌيڪ ڊڄڻ وارو، رِشتيدارن سان صِلَہ رِحمي وڌيڪ ڪرڻ وارو ۽ تمام گهڻو نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ وارو.[2]

[1] … حِلْيَةُ الْاولياء، محمد بن سوقة،١١/٥، حديث : ٦١٣٠

[2] … شعب الايمان،باب فى صلة الارحام، ٢٢٠/٦، حديث: ٧٩٥٠

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ”عَلاقائي دَوره براءِ نيڪي جي دعوت“ جي برڪت سان اڄ تائين ڪيترن ئي ماڻهن جي زندگين ۾ مدني انقلاب برپا ٿي چڪو آهي. اچو! ترغيب طور هڪ اهڙي مَدَني بهار ٻڌون ٿا جنهن ۾ ”عَلاقائي دَوره براءِ نيڪي جي دعوت“ جي برڪت سان هڪ شرابي نہ صرف شراب نوشي ۽ ٻين گُناهن کان توبهہ ڪئي بلڪ سُنّتن تي عمل ڪرڻ وارو بہ بڻجي ويو. جيئن

## نِيت صاف منزل آسان

عاشِقانِ رسول جو هڪ مَدَني قافلو ڪپڙوَنج (گُجرات، هند) پهتو، ”عَلاقائي دَوره براءِ نيڪي جي دعوت“ جي دَوران هڪ شرابي سان ملاقات ٿي، عاشِقانِ رسول ان تي خُوب اِنفرادي ڪوشش ڪئي، جڏهن ان سبز سبز عمامي وارن جون شَفقتون ۽ پيار ڏٺو تہ هتو هٿ انهن سان گڏ هلڻ لڳو، عاشقانِ رسول جي صحبت جي بَرَڪت سان گناهن کان سچي توبهہ ڪئي، ڏاڙهي وڌائي ورتي، سبز عمامي جو تاج بہ مٿي تي سجي ويو، مَدَني لباس جو بہ ذِهن بڻجي ويو، 6 ڏينهن تائين مَدَني قافِلي ۾ سفر جي سعادت حاصِل ڪري سگهيو، وڌيڪ 92 ڏينهن جي لاءِ مَدَني قافِلي ۾ سفر جي پڪي نيت ڪئي پر سفر جو خرچ نہ هو. هڪ ڏينهن هڪ رشتيدار سان ملاقات ٿي، اُن جڏهن مُعاشَري جي بَدنام ۽ شرابي ڪي ڏاڙهي، سبز سبز عمامي ۽ مَدَني لباس ۾ ڏٺو تہ حيران ٿي ويو، جڏهن ان کي ٻڌايو ويو تہ اهو سڀ مَدَني قافلي ۾ سفر جي بَرَڪت آهي ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اَسباب ٿي وڃڻ جي صُورت ۾ وڌيڪ 92 ڏينهن جي سفر جو پڪو ارادو آهي. تہ ان رشتيدار چيو، پيسن جي فِڪر نہ ڪيو، 92 ڏينهن جي مَدَني قافلي ۾ سفر جو خرچ منهنجي طرفان قبول ڪيو، ائين اهو ديوانو 92 ڏينهن جي لاءِ مَدَني قافِلي جو مُسافر بڻجي ويو.

يا خُدا! نکلوں میں مدنی قافلوں کے ساتھ کاش! سُنّتوں کی تَربِیَت کے واسطے پھر جلد تَرا!
خُوب خِدمت سُنّتوں کی ہم سَدا کرتے رہیں مدنی ماحول اے خُدا ہم سے نہ چُھوٹے عُمر بھر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حديثِ پاڪ جي تعظيم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تعظيمِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ پهلو هي به آهي ته پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي احاديثِ مُبارڪ جيڪي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُبارَڪ قول ۽ فعل تي مشتمل هونديون آهن، انهن جو به خُوب خُوب اَدَب ڪيو وڃي ۽ احاديثِ مبارڪ پڙهندي، لکندي، ٻُڌندي ۽ بيان ڪندي تعظيم جو تمام گهڻو لحاظ رکيو وڃي، صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم جي خاطر حديثِ پاڪ جو به نهايت اَدَب ۽ احترام ڪندا ها، جيئن ته حضرت علي المُرتَضٰي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰي عَنْه کان روايت آهي: جنهن وقت پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گفتگو فرمائيندا ها ته حاضرين ان طرح مٿو جهڪائيندا ها ڄڻ ته انهن جي مٿن تي پکي آهن.[1]

جس وقت تھے خدمت میں اُن کی بوبکر و عثمان و علی
اُس وقت رسولِ اکرم کے دربار کا عالَم کیا ہوگا
اِک سمت علی اِک سمت عُمر صِدّیق اِدھر عثمان اُدھر
ان جگمگ جگمگ تاروں میں مہتاب کا عالَم کیا ہوگا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کان علاوه ٻيا اڪابر ۽ بزرگانِ دِين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين به حديثِ پاڪ جي انتهائي تعظيم ڪندا ها. جيئن ته هڪ

[1] ... الشمائل المحمديه للترمذی، باب ما جاء فی خلق رسول اللہ ،ص۱۹۸حدیث۳۳۴

پيري حضرت سعيد بن مُسَيب رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه وٽ هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ هڪ حديثِ پاڪ جي باري ۾ پڇڻ لڳو، حضرت سعيد بن مُسَيب رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه جيڪي ليٽيل هئا فوراً اُٿي ويهي رهيا ۽ حديثِ پاڪ بيان ڪئي، اُن شخص عرض ڪيو: مان چاهيان ٿو تہ اوهان کي اُٿڻ جي تڪليف نہ ڪرڻي پوي، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه ارشاد فرمايو: اِنِّیۡ کَرِهۡتُ اَنۡ اُحَدِّثَكَ عَنۡ رَّسُوۡلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ وَاَنَا مُضۡطَجِعٌ يعني مون کي (اَدَب خاطر) اهو پسند نہ ٿيو تہ سمهي ئي حديثِ رسول بيان ڪيان.[1]

حُضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم جي خاطر حديثِ رسول جي گهڻي تعظيم ڪرڻ جي مُعاملي ۾ امام مالڪ ۽ امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيهِمَا جو نالو سرِ فهرست آهي، جيئن حضرت ابُو مُصعَب رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: حضرت مالڪ بن انس رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي احاديثِ مُبارڪ کي اَدَب ۽ تعظيم جي سبب بغير وضو جي بيان نہ ڪندا ها. بلڪ حضرت مُطَرّف بن عبدُ الله رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا تہ حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه وٽ جڏهن ڪجھ ماڻهو پڇڻ جي لاءِ ايندا ها تہ خادمہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه جي گهران نڪري پڇندي هئي تہ اوهان حديثِ پاڪ پڇڻ آيا آهيو يا ڪو شرعي مسئلو؟ جيڪڏهن چيو ويندو هو تہ مسئلو معلوم ڪرڻ جي لاءِ آيو آهيان تہ امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فوراً ئي ٻاهر تشريف فرما ٿيندا ها، ۽ جيڪڏهن چيو ويندو هو تہ حديثِ پاڪ جي لاءِ آيو آهيان تہ امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه غسل فرمائي خوشبو لڳائي، پوءِ لباس بدلي نڪرندا ها، سندن جي لاءِ تخت لڳايو ويندو، جنهن تي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه وقار سان ويهي حديثِ پاڪ بيان ڪندا ها ۽ شروع ڪان آخر تائين خوشبو مهڪائي ويندي هئي ۽ اهو تخت صرف حديثِ پاڪ روايت ڪرڻ جي لاءِ ئي مخصوص هو، جڏهن امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه کان ان جو سبب پڇيو ويو تہ سندن

---

[1] … سبل الہدی و الرشاد، الباب التاسع فی سیرۃ السلف...الخ،۱۱/۳۳۱

فرمايو: أُحِبُّ اَنْ أُعَظِّمَ حَدِيثَهُ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَسَلَّمَ يعني مون کي ان طرح رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حديثِ پاڪ جي تعظيم ڪرڻ پسند آهي.[1]

اهڙي طرح امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه حديثِ پاڪ جي ادب ۽ احترام جو خاص خيال رکندا هاۥ احاديثِ مبارڪ جي دلڪش ۽ دلربا موتين کي بخاري شريف جي حسين لڙي ۾ پوئڻ جي طريقي جي باري ۾ ته امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه بذاتِ خُود ارشاد فرمائن ٿا: مَاكَتَبْتُ فِي كِتَابِ الصَّحِيحِ حَدِيثًا اِلَّا اِغْتَسَلْتُ قَبْلَ ذٰلِكَ وَ صَلَّيتُ رَكعَتَينِ يعني مون بخاري شريف جي هر حديث کي لکڻ کان پهريان وضو ڪري ٻه (2)رڪعت نماز ضرور پڙهي.[2]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته اسان جا بُزرگانِ دِين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين رسولِ اڪرم،نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪيتري قدر تعظيم ڪندا ها جو حضرت سعيد بن مُسَيب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه ليٽي ليٽي حديثِ پاڪ بيان نه ڪندا هاۥ ائين امام مالڪ ۽ امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِمَا جهڙن عظيم بُزرگانِ دِين جي ادب جو جذبو به خُوب هو جو حديثِ پاڪ لکڻ کان پهريان غسل ڪري نفل پڙهندا هاۥ حديثِ پاڪ بيان ڪرڻ جي لاءِ غسل ڪري، سنو لباس پائي، خوشبو لڳائيندا ها ۽ حديث جي بيان جي لاءِ باقاعده هڪ تخت خاص ڪندا ها ۽ ائين حديثِ پاڪ جي تعظيم جو خُوب اهتمام ڪندا هاۥ جيتوڻيڪ قرآن ۽ حديث ۾ ڪٿي ناهي فرمايو ويو ته حديث پاڪ ليٽي ليٽي بيان نه ڪيو، ۽ نه ئي اهو فرمايو ويو آهي ته حديثِ پاڪ لکڻ ۽ بيان ڪرڻ کان پهريان وضو يا غسل ڪري نفل اَدَا ڪيو، خوشبو لڳايو، نوان ڪپڙا پايو ۽ مخصوص تخت تي

---

[1]... سبل الهدى و الرشاد،الباب التاسع فى سيرة السلف...الخ،۴۴۲/۱۱ مفهوما و ملخصا

[2]...مقدمہ فتح البارى،الفصل الاول فى بيان السبب...الخ،۱۰/۱

ويهي ڪري ئي حديثِ پاڪ بيان ڪيو وغيره وغيره، پر ان جي باوجود حضرت سَيدُنا سعيد بن مُسيب،حضرت امام مالڪ ۽ حضرت امام بخاري رَحْمَۃُاللہ تَعَالٰي عَلَيہِمْ اَجْمَعِين جهڙين جليلُ القدر هستين جيڪي شريعت جي مسئلن ۽ عقيدن ۽ مزاج کان خُوب واقف ها، جن کي اڄ به دُنيا ڄاڻي سڃاڻي ٿي ۽ انهن جي عظمت جي قائل آهي، انهن مُبارَڪ ۽ عظيم هستين صرف تعظيمِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خاطر احترامِ حديثِ پاڪ جا هي تمام انداز اِختِيار فرمايا ۽ پنهنجي طرزِ عمل مان اها ڳالھ چڱي نموني واضح ڪئي ته تعظيمِ مُصطَفٰي جي هر هر انداز جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو عليحده حڪم ضروري ناهي بلڪ هر اهو طريقو جائز ۽ مُستَحسَن (يعني بهتر) آهي، جنهن سان پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت ۽ تعظيم ظاهر ٿئي.

محفوظ سَدا رکھنا شَہا بے اَدَبوں سے اور مجھ سے بھی سَرزَد نہ کبھی بے اَدَبی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تعظيمِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ پهلو هي به آهي ته جن شين کي پياري آقا ، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت ۽ تعلق آهي، انهن جي به تعظيم ڪئي وڃي. جيئن ته حضرت علامه قاضي عياض مالڪي رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه هن باري ۾ هڪ مستقل باب قائم ڪندي فرمائن ٿا ته اها به حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي جي تعظيم آهي جو اهي تمام شيون جيڪي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت رکن ٿيون انهن جي تعظيم ڪئي وڃي، مڪه مڪرمه ۽ مدينه طيبه جي جن مقامات کي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شرف بخشيو، ان جو به اَدَب ۽ احترام ڪيو وڃي ۽ جن مبارڪ هنڌن تي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قيام فرمايو ۽ اُهي تمام شيون جنهن

كي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هٿ مُبارڪ لڳايو هجي يا اهو جسمِ مُبارڪ جي ڪنهن عضوي ڪان مَس (يعني Touch) ٿيو هجي، انهن سيني جي تعظيم ڪئي وڃي. تعظيمِ مُصطَفٰي جي هن پهلو جي تحت علامہ قاضي عياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه ڪجهه روايتون نقل ڪندي فرمائن ٿا: حضرت سَيدُنا عبدُ الله بن عُمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه کي ڏٺو ويو تہ منبر شريف ۾ جيڪا جڳهہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويهڻ جي هئي، اتي پنهنجو هٿ رکيو ۽ ان کي پنهنجي چهري تي ڦيري ورتو. اهڙي طرح امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي باري ۾ لکن ٿا تہ حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه مدينہ طيبہ ۾ ڪنهن جانور تي سوار نہ ٿيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا مون کي الله عَزَّوَجَلَّ ڪان حياءُ اچي ٿو تہ جنهن مقدَّس زمين تي رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آرام فرما آهن مان ان کي پنهنجي جانور جي کُرن سان لتاڙيان.[1]

## مجلسِ نشرواِشاعت جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان بہ تعظيمِ مُصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي دل ۾ وڌيڪ اُجاگر ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اِسلامِي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اِسلامي مُختلف شُعبن ۾ خِدمتِ دِين جي مُقدَّس فَرِيضي کي سَر اَنجَام ڏئي رهي آهي، انهن مان هڪ شعبو ”مَجلسِ نشرو اِشاعت“ بہ آهي. هن مجلس جي تحت ذرائعِ اِبلاَغِ عَامَّہ (Media) يعني پِرنٽ مِيڊِيا (اخبار، جَريدا ۽ رسالا) ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا (ٽي وي، ريڊيو، انٽرنيٽ) سان وابَستہ مَدَني ماحول سان منسلڪ اسلامي ڀائرن ۽ ٻوءِ انهن جي مُعاوَنَت سان لاڳاپيل شعبي جي نئوَن نئوَن ماڻهن سان رابِطو ڪيو ويندو آهي، ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ پنهنجي نگران جي مُشاوَرَت سان دَعوَتِ اِسْلَامي جون مدني خبرون سڄي سال ئي ايندين رهن مثال طور مڪتبةُ المدينہ بالخصوص شيخ طريقت،امير اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا جاري ڪيل ڪتابن

[1] … الشفا بتعريف...الخ،الجزء الثانى،ص٥٦ملتقطاً

۾ رسالن جا مضمون ۽ مدني گل، مبارڪ ڏينهن ۽ مهينن جي مناسبت سان رسالا وغيره مختلف اخبارن، جريدن ۽ رسالن تائين پهچايا ويندا آهن، دَعوتِ اسلامي جي تنظيمي ۽ تعارُفي مَقالات (Articles)، دعوتِ اسلامي جي مجلسِ نَشْرو اِشاعَت جي نالي سان شَائِع ڪرائڻ جي بہ ترڪيب بڻائي ويندي آهي.

## بَيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بَيان ۾ اسان تعظيمِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حَوالي سان ٻڌو تہ

◈ تعظيمِ مُصطَفٰي،ايمان جو حِصو آهي.

◈ تعظيمِ مُصطَفٰي جو حڪم، پاڻ الله عَزَّ وَجَلَّ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمايو آهي.

◈ تعظيمِ مُصطَفٰي، ايمان کان بعد هر فرض کان مقدم آهي.

◈ تعظيمِ مُصطَفٰي برڪت جو سبب ۽ گهٽي اجر ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي.

◈ تعظيمِ مُصطَفٰي جي برڪت سان ئي بني اسرائيل جو 200سال گناهن ۾ مبتلا رهڻ وارو شخص نہ صرف بخشجي ويو بلڪ 70 جنّتي حُورن سان ان جو نڪاح ڪيو ويو.

◈ تعظيمِ مُصطَفٰي کي مدِّنظر رکندي صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان حضورِ اقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو نهايت اَدَب ۽ احترام ڪندا ها.

◈ تعظيمِ مُصطَفٰي جو عملي مظاهرو ڪندي، صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان، سندن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سامهون نهايت اَدَب سان ويهندا ها.

◈ تعظيمِ مُصطَفٰي جون برڪتون ماڻڻ جي لاءِ، صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ گفتگو اَدَب سان ٻڌندا ها.

◈ تعظيمِ مُصطَفٰي جي خاطر، صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

جي وضو جو استعمال ٿيل پاڻي ايستائين جو لُعابِ دَهن تائين بہ زمين تي نہ وجڻ ڏيندا ها، ان کي پنهنجي هٿن ۾ وٺي برڪت جي لاءِ پنهنجي جسم تي مَلي ڇڏيندا ها.

◈ تَعظِيمِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيشِ نظر، صحابہ ۽ بزرگانِ دِين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت رکڻ واري شين جي بہ تعظيم ڪندا ها.

◈ تعظيمِ مُصطَفٰي ڪندي، صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نامِ پاڪ ۽ حديثِ پاڪ جو بہ احترام ڪندا ها.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي حُضُور نبي ڪرِيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن مَنسُوب هر هر شيءِ جي تعظيم ۽ توقير ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمين بِجاهِ النَّبِی الْاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ! صلَّى اللهُ تعالٰى على محمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا
جنَّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1] ...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اچو! شيخِ طريقت ،اميرِ اهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي رِسالي ”163 مَدَني گل“ مان مِسْواڪ بابت مَدَني گل ٻڌون ٿا.

◈ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب ”**بهارِ شريعت**“ جلد پهريون صفحي 288 صدرُالشّريعه، بدرُالطريقه، حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيه رَحمَةُ الله الْقَوِی لکن ٿا، مشائخ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص مسواڪ جو عادي هجي ته مرڻ وقت ان کي ڪلمو نصيب ٿيندو، ۽ جيڪو آفيم کائي ٿو ان کي ڪلمو نصيب نه ٿيندو ◈ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته مسواڪ ۾ ڏهه خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو، نيڪي وڌائيندو ۽ معدي کي درست ڪندو آهي. (جَمْعُ الْجَوامِع لِلسُّيوطي ج۵ ص۲۴۹حديث ۱۴۸۶۷) ◈ مسواڪ پيلو يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي هجي ۞ مسواڪ جي ٿولهه چيچ جي برابر هجي ۞ ڏندڻ هڪ گرانٺ کان ڊگهو نه هجي نه ته ان تي شيطان ويهندو آهي ◈ ان جا تاندورا نرم هجن جو سخت تاندورا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) جو سبب بڻجندا آهن ◈ مسواڪ تازو هجي ته سٺو نه ته ڪجهه دير پاڻي جي گلاس ۾ پسائي نرم ڪري ڇڏيو ◈ مُناسِب آهي ته ان جا تاندورا روزانو ڪٽيندا رهو جو تاندورا ان وقت تائين ڪم جا آهن جيستائين انهن ۾ ڪؤڙاڻ باقي آهي ◈ ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو ◈ جڏهن به ڏندڻ ڪرڻو هجي ته گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ڪريو ۞ هر ڀيري ڌوئي ڇڏيو ◈ ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ اهڙي طرح ڪڻو جو چيچ ان جي هيٺان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو چيڙي تي هجي ◈ پهريان ساڄي طرف کان مٿين ڏندن تي ۽ پوءِ کابي طرف کان هيٺين ڏندن تي

ڏندڻ ڪيو ◈ مسواڪ مٺ ۾ بند ڪري ڪرڻ سان بواسير ٿيڻ جو انديشو آهي ◈ ڏندڻ ڪرڻ وضو ۾ سنّت قَبليہ آهي البت سنّت مؤکَّدَہ ان وقت آهي جڏهن وات ۾ بدبو هجي. ( ما خوذ از فتاويٰ رضويه ج١ ص ٦٢٣ ) ◈ استعمال ٿيل ڏندڻ جا ٽاندورا ڳَڏوڳَڏ خود ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلايو نہ، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهہ تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو

(تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهارِ شريعت جلد اوّل صفحي 294 تا 295 جو مُطالَعو فرمائي وٺو.)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

يا خدا! نکلوں ميں مَدَنی قافِلوں کيساتھ کاش!
سُنَّتوں کی تربيَّت کے واسِطے پھر جلد تر!!

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]…افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2]…افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمدصاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَ سَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُودِ شَفاعت

---

[1]…القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2]…افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاة الثانیۃ والخمسون،ص149

[3]…القول البديع،الباب الاول،ص125

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

## (1) ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 پيرا پڙهيو تہ ان ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... الترغيب والترہيب،کتاب الذکر و الدعاء،۲/۳۲۹،حديث:۳۰

[2]... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305

[3]... تاريخ ابنِ عساکر،۱۹/۱۵۵،حديث:۴۴۱۵